لواريءَ جا لال

[ڀاڱو ٻيو]

مؤلف —
محمد پناهه محمد سليمان

٧٨٦

ڪُلُ

لواريءَ جا لال

[ڀاڱو ٻيو]

درگاهه عاليه لواري شريف

جي چئن اقطاب عظام جو مختصر تعارف

(حضرت سلطان الاولياء، حضرت محبوب الصمد
حضرت غوث عالم ۽ حضرت شاهه مدني
قدس سرهم)

۽

ٽن اقطاب عظام جو مجمل تعارف

(حضرت امام الاولياءَ، حضرت امام العالمين
۽
حضرت مرشدنا پير بادشاهه وڏل سردار
قدس سرهم)

مؤلف:

محمد پناهه محمد سليمان ڦرڙو

ڇپائيندڙ:

پرنٽنگ ڪاميٽي جماعت لواري شريف

پھريون ڇاپو

ڪاپيون هڪ هزار

سيپٽمبر ١٩٨٣ع

مئنيجنگ ڪاميٽي جماعت لواري شريف
جا حق ۽ واسطا قائم

ڪتاب ملڻ جون جايون:

١- مئنيجنگ ڪاميٽي جماعت لواري شريف
بنگلہ نمبر ١٢٥- اسلام قلب- چيسٽ نٽ اسٽريٽ
ڪراچي نمبر ٣- گارڊن ايسٽ

٢- درگاهه ميل شريف حضرت قاضي احمد
پوسٽ آفيس قاضي احمد- ضلع نواب شاه

٣- آفتاب احمد ڦرڙو- ڳوٺ علي محمد ڦرڙو
پوسٽ آفيس ٻهارو ملان- وايا محراب پور جنڪشن
ضلع نواب شاه

عڪس ۽ فوٽوز: امين پرنٽنگ پريس، لڳ جامع ڪلاٿ مارڪيٽ
ڪراچي

هي ڪتاب لواريءَ جا لال ڀاڱو ٻيو، محمد پناهه ڦرڙو سردار پريس حيدرآباد مان ١ صفحي کان ٧٦ تائين، باقي آخري صفحا نيو فيمس پريس هوسٽيل هال چاڙهي، حيدرآباد مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

سڏاءُ

صفحو | عنوان

۱. تصويرون مبارڪ

(i) روضهٔ شريف حضرت سلطان الاولياء قدس سره

(ii) حضرت خواجه احمد زمان قدس سره

(iii) حضرت خواجه پير بادشاه گل حسن قدس سره

۲. عڪس

(i) هٿ اکر حضرت خواجه احمد زمان قدس سره

(ii) هٿ اکر ڊائري جا ٻه صفحا حضرت پير بادشاهه گل حسن شاه قدس سره

۳. پيش لفظ

(حضرت پير فيض محمد نقشبندي)

۴. ديباچو:

مؤلف — الف کان د تائين

۵. مختصر تعارف

(i) حضرت سلطان الاولياء قدس سره — 1 کان 8 ”

(ii) حضرت خواجه محبوب الصمد قدس سره — 9 کان 12 ”

(iii) حضرت غوث عالم قدس سره — 13 کان 16 ”

(iv) حضرت شاهه مدني قدس سره — 17 کان 18 ”

۶. احوال مبارڪ

(i) حضرت خواجه امام الاولياءَ قدس سره — ۱ کان ۳۰ ”

(ii) حضرت خواجه امام العالمين قدس سره — ۳۱ کان ۵۶ ”

(iii) حضرت پير بادشاهه قدس سره — ۵۷ کان ۹۲ ”

۷. ضميمو ۱ ۽ ۲

(i) شجرهه سلسلهٔ صديقي — ۹۳ کان ۹۴ ”

(ii) شجرهه سلسلهٔ طريقت نقشبنديه — ۹۵ کان ۹۸ ”

پرت چڱ پرڏيهه جي، ساڍيهه رک سنڀال،
لڪن سندي لال، مچو مفت وڃائيين.
(حضرت سلطان الاولياء)

اي وجودِ هر دو عالم، شمس گيتي بيگمان،
گاهه آدم، گاهه احمد، گه بود محمد زمان.
(ڪلام شهيد عبدالرحيم گرهوڙي)

تارا اڀرندا وڃڻا، قطب ڪين ڦرن،
لواريءَ سندا لاڏلا، ويٺي ربّ ڏسن،
پر گهر پير نه وڃڻا، گهران به ڪين گهرن.
(حضرت علامه قاضي احمد دمائي)

محبت رکي مـن، وچ لـواري لعل ڏي،
قـدرتي ڪرنـدي سان، تـا مُرچـا لاهـن مـن،
ڪيئن وڃن تـا ڪاهـه ڪري، اڱـڻ استادن،
لاهـن تـا لغاري چـوي، ڪٽ اٿئون قـلبن،
صبر جـو تنهن ساعت ۾، تـا آتش ات ڏيـن،
”و نحن اقرب اليه من حبل الوريد“ تا اهو ڏس ڏين،
هنئين جا هـور حمل چوي تـا وڃڻ ساڻ وڃن،
هو ريءَ سليي سمجهن، تون چپ چورج ڪين ڪي.

(حمل فقير لغاري رحه)



روضہ شريف حضرت سلطان الاولياء خاتم الولايت خواجہ
محمد زمان صديقي نقشبندي مجددي قدس سره باني درگاہ عاليہ
لواري شريف سنڌ

تصویر مبارک خواجہ احمد زمان امام العالمین قدس سرہ



... منهنجا دنيا جي حالت نهايت نازڪ آهي مهرباني ڪري هر ڪم عليٰ الخصوص
[illegible] انتظام نهايت سوچ ۽ نهايت ويچار سان ڪندا ڪريو منهنجي
صلاح يا مشورت جي راه جوئي يا انتظار نه ڪندا ڪريو منهنجي [illegible]
[illegible] تائين [illegible] جي سرانجامي ۾ دير [illegible] نه ڪندا ڪريو
[illegible] [illegible] [illegible] رهڻون ٿو پوي [illegible] امرتسر ته [illegible] ڪراچي
مون اوهان کي اختيار [illegible] ڏيئي ڇڏيو آهي آئون [illegible] اوهان کان
بازپرس [illegible] سياه سفيد جو اختيار اوهان کي آهي. مهرباني
ڪري سوچ ۽ ويچار [illegible] [illegible] [illegible]
خاص خيال رکجو ته [illegible] ضروري [illegible] فرق يا
تفاوت واقع نه ٿئي . عاقل را اشاره بس است

[تاريخ ٧- مارچ ١٩٣١ع تي حضرت قبله پير احمد زمان قدس سره جن امرتسر هندستان مان سندن فرزند ارجمند حضرت قبله پير بادشاه گل حسن قدس سره جن کي هڪ خط مبارڪ لکيو، جنهن مان هڪ ٽڪرو عام پڙهندڙن جي دلچسپي لاءِ پيش ڪجي ٿو، جنهن مان حضرت پير بادشاه جن جي مان ۽ مرتبي جو پتو پوي ٿو. (مرتب)]

حضرت قبلہ پير بادشاهہ گل حسن صديقي نقشبندي قدس سرہ
ستون گادي نشين درگاهہ عاليہ لواري شريف

8

ادهان کي

جا شرط آهن اوهين قبول آهن يا نه اگر قبول آهن ته وسان جو
تعلق ادهان سان رهندو ته ۱۲ ڄ کان مٿي اسين [illegible] ادهان
کان الله ٿي ونيدا اسون موت پهچندو جهڙا شرط آهن
جا مٿي ته ادهان جي والد جي تعلق وارن سان تعلق ٽوڙيو

جو اسين سڀني سرڪار ۱ مان جو ڪم ڪئي عشق جي جو مٿ ٿي حلو
ٿي جي تماشي وارن ملاحظي جو صفحي اسان جي جوڙ
موجب جاري - اسلام ڪلمه ... - لعنت

جواب لکي ڏيو ته اڄ ۹-۱۰ تاريخ ... اجلاس ٿيندو

اهي شرط قبول آهن يا نه اگر قبول ڪئي ته اسان جا تعلقات
رهندا ته ۱۲ ڄ کان پوءِ وسان جا تعلقات ختم آهن
موت جواب ڏيو ته ... شرطن مان ... قبول نه ڪيو
ته جواب ڏيندا اڳين ۱۲ ڄ کان پوءِ ... جا تعلقات به
ختم آهن

بخش

ان کان پوءِ مير صاحب غلام محمد خان ۽ مير حسين ۽ چاڪر ۽ بنده محمد خان

منصور جي والد جا سوٽ

جا مير منصور جي مخالف ٿيا ۽ ٻه ڀاءُ وارا مير حسين بخش مير محمد مظفر ظهير [illegible]

سوٽ

[illegible] مير سعيد حسن مير عبداللطيف [illegible] ۽ منصور جي ڀيڻ بي بي عنايت جا

مير عبداللطيف سان پرڻو ڪيل هئي مسود ڪري منصور جي مخالفت

مير شير [illegible] ۽ مير يوسف جي بي بي عنايت جي [illegible] جو منصور جي ڀيڻ [illegible]

منصور جي والده سڳي ماسي جي ڌيءَ بي بي عفت النساء بيگم ۽ بي بي عنايت

جا ٻچا ڊاڪٽر [illegible] مير [illegible] ڪراچي [illegible]

منصور جي ٻين ماڻهن سان شامل رهي ۽ ماڻهن جي ماڻي بي بي

عفت النساء ظاهر مخالف ڪري سان ڳالهه [illegible] همه دار

ڪل ۷۸٦

پيش لفظ

اولياءَ الله قدس سرهم جي زندگي مبارڪ جو مطالعو ڪرڻ سان، انسان جي قلب کي راحت ۽ سڪون ملي ٿو، ۽ سندس اخلاق ۽ اعمال درست ٿين ٿا. سندس قلب پنهنجي خالق حقيقي ڏانهن راغب ٿئي ٿو.

هن وقت انسان ماديت ۾ ايترو ته محو ٿي ويو آهي، جو گويا ته خالق اڪبر کيس خلقيو ئي ان لاءِ هو، ورنه قرآن حڪيم ۾ فرمايل آهي:

"وما خلقت الجن والانس الاليعبدون".

عبادت گهڻن ئي قسمن جي آهي. جيئن ته فرض ڪيل عبادتون ۽ ذڪر الله اڪبر. الله تعاليٰ جو ذڪر سڀ کان وڏي عبادت آهي، جا اولياءَ اڪرام عليہ الرحمت والرضوان جي سوانح حيات مبارڪ پڙهڻ ۽ ٻڌڻ سان حاصل ٿئي ٿي.

في الوقت هت فقط اقطاب عظام مرشدان ڪرام لواري شريف جي ٽن قطبن اعظمن جي سوانح حيات ۽ تعليمات ڇپائڻ مقصود هو، جيئن "لواري جا لال ڪتاب" جي تڪميل ٿئي، جن ۾ لاثاني لالن جون سوانح حيات مبارڪ ڇپجي وڃن.

هي ڪم جن ٻه ڄڻن کي جڏا ڏکي تنگ وقت ۾ سرانجام ڏنو آهي، انهن کي شال مولي ڪريم سندس دربار عالي مان بهترين برڪات ۽ اجر عظيم عنايت فرمائي.

خاص طرح مڪرمي قاضي محمد اشرف ٽنڊو جان محمد وارو جنهن باوجود علالت و ملالت تصحيح ڪئي ۽ محترم محمد پناهه ڦرڙو جنهن ڪتاب کي ٺاهي جوڙي ترتيب ڏنو.

مالڪ مولي العظيم مٿن مهربان هجي!

"الله معنا و معڪم"

(فيض محمد نقشبندي)

(۵ ذوالقعد ۱۴۰۳ھ ڪراچي)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

ديباچو

مالڪ الڪل جلشانهٗ جا بي انت شڪرانا، جنهن درگاهه لواري شريف جي سجاده نشينن جي حيات مقدس لکڻ جو شرف عطا ڪيو. مذڪوره درگاهه شريف سان نينهن جو ناتو امڙ جيجل جي جهوليءَ مان ئي نصيب ٿيو. جڏهن سانير جهڙو ٿيس ته والد بزرگوار ان طرف راغب ڪيو. انهن ٻنهي جي طفيل طريقت پاڪ جي مطالعي جو ذوق پيدا ٿيو. شل منهنجي والدين کي لواري شريف جي لالن جي حضور جو دائمي شرف حاصل هجي.

شروعات ۾ سرگواسي ڊاڪٽر گربخشاڻي جي تاليف 'لواري جا لال' جو هميشه مطالعو ڪندو رهيس. جنهن وڌيڪ مطالعي لاءِ اڪسايو. ان وقت کان وٺي ڇاپي توڙي قلمي ڪتابن مان ضروري ۽ دلپسند حقيقتون لکندو رهيس. طريقت پاڪ جي ڄاڻن سان ملاقاتون ٿينديون رهيون. جن مان ميان عمر فقير گاڏهي ۽ خواجه ميان محمد فقير، مولوي الاهي بخش جمالي، سيد ابوطالب شاهه، مولوي عبدالرزاق سيتائي، قاضي محمد اشرف، حاجي محمد لقمان ڪيريو، آخوند محمد صالح ۽ علي بخش ارباب جا نالا ياد اٿم.

حضرت پير ميان فيض محمد دمائي نقشبندي جن سان قرب جون ڪچهريون ٿينديون رهيون ۽ ضرورت وقت ڪي اڻلڀ ۽ نادر ڪتاب پڻ مطالعي لاءِ عنايت ڪندا رهيا، جن مان پڻ حوالا وٺندو رهيس.

مرشدنا قبله حضرت پير بادشاهه خواجه گل حسن صديقي نقشبندي جن جي مهربانين جو ته ڪاٿو ئي ڪونهي. وقت بوقت

ملاقات جي دوران دنياوي توڙي آخروي زندگيءَ سڌارڻ خدائي لقاء حاصل ڪرڻ، سچ ۽ دشمن کي سڃاڻڻ، منڪر ۽ منافق جو فرق سمجهائڻ، لاءِ هدايتون فرمائيندا رهندا هئا. سندن اقوال ۽ قربن واري ڪچهري جي گفتگو کي لکندو رهيس. سالن جي ميڙيل چونڊيل موڙي پيش آهي. شل لواري شريف جا لال انهي خدمت کي قبول فرمائين.

درحقيقت انهن تاريخ ساز هستين جي ساراهه، الله تبارڪ تعاليٰ جي ساراهه آهي، ڇاڪاڻ ته هو ان جي نور جا مظهر آهن ۽ سندس مقرب آهن. مقربن لاءِ حديث قدسي ۾ اچي ٿو ته ”جڏهن ٻانهي کي منهنجو قرب حاصل ٿئي ٿو، تڏهن ان جو ٻڌڻ منهنجو ٻڌڻ آهي. ان جو ڏسڻ منهنجو ڏسڻ آهي. ان جو هلڻ منهنجو هلڻ آهي.“ ان مان ثابت ٿيو ته مقربن جي تعريف خود الله پاڪ جي ثنا ۾ شامل آهي.

ڊاڪٽر اينمري شمل لکيو آهي ته، ”دنيا جي تصوف کان سنڌ وارن جو تصوف نرالو آهي، سنڌ جي تصوف جو مرڪز ٿٿو هو. ٿٿي وارن بزرگن ۾ (حضرت) سلطان الاولياء (قدس سره) جي سکيا، ممتاز ۽ منفرد آهي.“ اهو بلڪل حق ۽ سچ آهي. واقعي لواري شريف جي لالن جي تعليم آبحيات ۽ امر آهي. جنهن سان ڪوبه تريا بر ميڃي نٿو سگهي. سندن سکيا ۽ پيغام ستلن کي جاڳائڻ، مظلومن جي دادرسي ڪرائڻ، انسان ذات جي خدمت ڪرڻ، بني نوع آدم کي امن ۽ صراط المستقيم ڏانهن سڏڻ لاءِ آهي. انهن جي قول ۽ فعل تي عمل ڪرڻ سان دنيا ۽ آخرت جي حياتي سڦائي ۽ ڪامياب ٿي پوندي.

درگاهه لواري شريف جي ڇهن سجاده نشينن جو مجمل ۽ حضرت سلطان الاولياء قدس سره جي چند وڏن بزرگن جو مختصر احوال ڊاڪٽر گربخشاڻي ۱۹۳۴ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. باقي ٽن سجاده نشينن جو احوال لکي پڌرو ڪرڻ تمام ضروري هو. تنهنڪري

باقي رهيل سجاده نشينن جو ذڪر عوام تائين پهچائڻ جو ارادو هو. مالڪ ڪريم جي فضل سان گهربل احوال لکي ۽ ڇپائي پڌرو ڪجي ٿو. ڪتاب جو نالو ’لواري جا لال‘ ٻيو ڀاڱو رکيو ويو آهي. ٻنهي ڪتابن جو ربط قائم ڪرڻ لاءِ، اڳين ڇهن اقطاب عظام لواري شريف جو مختصر احوال منڍ ۾ ڏنو ويو آهي، ته جيئن پڙهندڙن کي ڊاڪٽر گربخشاڻي جي تاليف هٿ نه اچي ته به هو اها ڪمي محسوس نه ڪن.

هن متبرڪ ڪتاب جي سهيڙڻ ۽ سانيڍڻ ۾ جماعت لواري شريف جي گهڻن ئي درويشن جو سات شامل رهيو آهي. انهن سڀني جا گڏيل ٿورا مڃيان ٿو.

جناب قاضي محمد اشرف ۽ محمد لائق جوڻيجا صاحبن ڪيترين ئي روايتون تصديق ڪيون ۽ مسودي کي نظر مان ڪڍيو جنهن لاءِ انهن صاحبن جي مهرباني.

فقير الهڏنو مبارڪ جوڻيجو ۽ مسٽر آسودو مل چانڊوائي جي خدمتن کي ڪڏهن به وساري نٿو سگهان. جن جي مسودن مان ڪافي مدد ورتي اٿم. محترم مير محمد پيرزادي پڻ ڪافي اعانت ڪئي.

حضرت پير ميان فيض محمد نقشبندي موجوده سجاده نشين درگاه لواري شريف جو نهايت شاڪر آهيان، جن باوجود انيڪ مصروفيات جي مسودي کي نظر مان ڪڍي، منجهس درستيون ڪرڻ فرمايون. پڻ هر وقت منجهيل مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ هدايتون عنايت ڪيون. ٻيءَ صورت ۾ هي ڪم پايہ تڪميل تي نه پهچي ها. ان کان وڌيڪ خوشي جي ڳالهه آهي ته پاڻ ڪتاب جو پيش لفظ پڻ لکي ڏيڻ فرمايائون ۽ ڪتاب کي مستند بنائڻ لاءِ تصويرون ۽ خط ڏنائون، جن جا عڪس ڪتاب ۾ ڏنا ويا آهن.

اُميد ته هي ڪتاب علم ادب جي شائقين ۽ درگاهہ لواري شريف جي مريدن ۽ معتقدن لاءِ دلچسپ ۽ تاريخي سرمايہ

جي حيثيت رکندو. هن ڪتاب ۾ درگاه لواري شريف جي ابتدائي صدين جي عموماً ۽ هڪ صديءَ جي خصوصاً تاريخ شامل آهي. ان ڪري تاريخ سان دلچسپي رکندڙن لاءِ پڻ مطالعي جو سبب بڻبو. تصوف جو ته پنڊار آهي، تنهنڪري تصوف جي طالبن لاءِ رهنما ثابت ٿيندو.

”نعم المولیٰ و نعم النصير“

ڳوٺ علي محمد ڦرڙو
بروز عيدالفطر ۱۴۰۳ھ

محمد پناهه ڦرڙو
خادم درگاهه عاليه لواري شريف

”جن ڪسيرو قيمت سي سوداگر نه جهلي،
تني لڌا لک، جي پري ڪان پري ٿيا.“
(حضرت سلطان الاولياء قدس سره)

چون نماز نیست الا با حضور،
در حضور پیر رو که آنجا حضور.

پیر می باشد وسیله سوئے دوست،
مر ترا ساکن کند در کوئے دوست.

"وابتغو" امر است در قرآن بخوان،
این طلب از پیر باشد بیگمان.

از کلام او شفایابد سقیم،
از نگاهش اوست "احیاء الرمیم".

این چنین سیرت اگر مطلوب هست،
در لواری رو که آن محبوب هست.

مخدوم محمد ابراهیم خلیل ٹھٹوی
ورتل تکملة مقالات الشعراء

حضرت خواجه محمد زمان سلطان الاولياءِ قدس سره

حضرت جن جو تولد ٢١- رمضان ١١٢٥ هجريءَ ۾ قديم لواري شريف ۾ ٿيو هو. سندن والد شيخ حاجي عبداللطيف رحه کي خواجه ابوالقاسم رحه ۽ خواجه ابوالمساڪين قدس سره بشارت ڏني هئي ته ”توکي هڪ اهڙو پٽ ڄمندو، جنهن ۾ طريقه نقشبنديه جون جملي ڪمالاتون سمايل هونديون ۽ هو پنهنجي وقت جو امام ٿيندو.“ اها حقيقت ٻڌي، خواجه عبدالسلام درس جيڪو وقت جو ابدال هو، تنهن اها بشارت سڻي، پنهنجي نياڻي پاڪ دامن جو رشتو شيخ حاجيءَ سان ڪري ڇڏيو. اها ڳالهه شيخ حاجيءَ جي ڀين ڀائرن کي نه آئڙي. سو پنهنجي والد سڳوري تي طرحين طرحين بهتان مڙهڻ لڳا، پڻ سندن خلاف گهاٽ گهڙڻ لڳا. جڏهن حضرت جن جي ولادت ٿي، تڏهن مُ سهو پائر ٻچڙڻ لڳا. جيئن حضرت جن ستن سالن جا ٿيا، ته قرآن شريف ياد ڪري ورتائون. سندن ذهانت ۽ منهن جي مٺيا پسي شيخ حاجي تمام گهڻو خوش ٿيندو هو. هر وقت حضرت جن جي سارهه پيو ڪندو هو. انهيءَ ڪان پوءِ، سندن حاسد پائرن حضرت جن جي لاءِ پيو ڪجهه سوچيو ۽ انهيءَ تاڙ ۾ رهندا هئا. هڪ دفعي شيخ حاجي عبداللطيف رحه ڪيچ طرف سلفن جي مقبرن جي زيارت لاءِ ويو. پٺيان هنن مخالفن رات جو منصوبو سٽيو. مگر حضرت جن کي ٻرو ٻڌجي ويو، سو رات جو اونداهيءَ ۾ اڪيلا ٿي اڪيلا نڪري ويا ۽ پنڌ ڪندي ٺٽي نگر ۾ پهتا. جتي سندن والد جي مرشد خواجه فيض الله بن مخدوم آدم رحه جن وٽ رهيا ۽ مولانا محمد صادق نقشبندي جي

مدرسي ۾ عربي تعليم پڙهڻ شروع ڪيائون. سندن والد بزرگ جڏهن ماڳن تي موٽي آيا، تڏهن حقيقت کان واقف ٿي ڏکيرا ٿيا. ان غم کي دور ڪرڻ لاءِ پنهنجي مرشد ڏانهن نئي ويا. اتي حضرت جن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا.

حضرت جن پنهنجي همسبقين کان تيز فهم ۽ ذهين هئا. هڪ ڀيري پڙهڻ سان سبق ياد ڪري وٺندا هئا. ٿوري عرصي ۾ عربي ادب ۾ نالو ڪڍيائون. باقي چند سبق تحصيل مان رهيل هئين ته، سندن ڌيان خواجه ابوالمساڪين قدس سره ڏانهن ٿي. خواجه صاحب کين سڃاتو ته هي اهو جوان آهي، جيڪو منهنجو جاءِ نشين ٿيڻو آهي، خواجه صاحب جي صحبت جو مٿن اهو اثر ٿيو، جو پاڻ مدرسي کي ڇڏي خواجه صاحب جي خانقاهه ۾ رهڻ لڳا. رات ڏينهن ذڪر ذاتيءَ ۾ مشغول رهندا هئا. خواجه صاحب جو مٿن ڀيار وڌندو ويو. ٿورن مهينن ۾ طريقت جون مڙيئي منزلون طئي ڪري ورتائون. خواجه صاحب جن هڪڙي ڏينهن پنهنجي مريدن ۽ معتقدن جي سامهون اعلان ڪيو ته ”الاهي امر پٽاندر پنهنجي خانقاهه ۽ مسند محمد زمان جي حوالي ڪريان ٿو. اڄ کان پوءِ هو اوهان جو مرشد آهي. جيڪو هن جي امر جي انحرافي ڪندو، سو اسان جو نه آهي.“ ائين چئي پنهنجي دستار مبارڪ حضرت جن جي سر مبارڪ تي رکي مسند ارشاد تي ويهاريو ۽ خود خواجه صاحب سندن بيعت ڪئي.

هن حقيقت ظاهر ٿيڻ تي خواجه ابوالمساڪين قدس سره جو خاندان سخت رنجيدو ٿيو. وڏا وس ڪيائون، مگر خواجه صاحب کين جواب ڏنو ته ”اسان جي ابائي امانت اسان تائين هلي، هائي ان امانت جو وارث اهو ئي آهي. والله هن جهڙو روءِ زمين تي ڪوبه نه آهي.“ ان کان پوءِ جيڪو شخص ارشاد وٺڻ لاءِ ايندو هو ته ان کي حضرت جن ڏانهن روانو ڪندا هئا.

آخر خواجه ابوالمساڪين صاحب مسند، خانقاهه ۽ جماعت حضرت جن جي حوالي ڪري حرمين شريفين روانا ٿي ويا. اتان

حضرت جن ڏانهن خط موڪليندا رهندا هئا. خواجه ابوالمساڪين صاحب جو وصال ٩- ذوالحج ١١٤٩ هجري تي عرفات جي ميدان تي ٿيو. حضرت جن هر سال ٩- ذوالحج تي سندن ساليانو عرس ملهائيندا رهندا هئا. جنهن کي ١٩٣٨ع ۾ درگاهه جي مخالفن حج لواري جو نالو ڏيئي، سنڌ جي ڪانگريسي حڪومت کان بندش وجهرائي ڇڏي. ان جو تفصيل سان احوال اندر ڪتاب ۾ ڏنو ويو آهي. ٺٽي جي ماڻهن حضرت جن کي تنگ ڪيو. جن ۾ خاص طرح مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو نالو سرفهرست آهي. تنهنڪري پاڻ ٺٽي کي ڇڏي، پنهنجي ابائي ڳوٺ آيا. سندن اچڻ کان پوءِ شيخ حاجي سندن والد بزرگوار کين پنهنجي گاديءَ تي ويهاريو. خود پاڻ به سندن بيعت ڪئي. ٿوري عرصي بعد سندن والد بزرگ جو وصال ٿيو. ان کان پوءِ سنت ٽي موجوده لواري شريف جو ڳوٺ ٻڌي ويا. هي ڳوٺ ١١٥٠ هجريءَ ۾ آباد ڪيائون. اها زمين سندن ڦاٽي سڳوري خواجه عبدالسلام درس رحه جي هئي. پاڻ انهيءَ جاءِ تي اچي رهيا. جنهن لاءِ پنج صديون اڳ حضرت غوث رحه ملتان واري حج تي ويندي ادب ۽ احترام ڪيو هو. گهوڙي تان لهي پيادا هليا ۽ هڪ جاءِ تي جتي لاهي مراقبو ڪري ويٺا هئا. جيتوڻيڪ ظاهري طرح ڪنهن به جاءِ وغيره جو نشان ڪونه هو. مريدن جي پڇڻ تي فرمايائون ته "هن جاءِ تي الاهي انوار جي بارش پيئي وسي. جا ابد کان جاري آهي ۽ قيامت تائين وسندي رهندي. هن مان معلوم ٿو ٿئي ته، هت ڪنهن مرد خدا جي دائمي رهائش ٿيندي." ان وقت حج تي وڃڻ لاءِ ساموئيءَ بندر تي وڃڻ لاءِ رستو اتان هو. جنهن کي 'راهه مڪه' چوندا هئا. جيڪا پوءِ 'رامڪي' ۽ 'رحمڪي' بازار سڏجڻ لڳي.

ٺٽين لواري شريف ۾ وڏن حق جا طالب، پرت جا پرستار، روحاني اُڃ اُجهائڻ خاطر ايندا رهندا هئا. بعضي ته هزارن جي تعداد ۾ ٿي ويندا هئا. هرهڪ ماڻهوءَ کي لنگرخاني مان ڏهه ٽي ماني ملندي هئي. جيتوڻيڪ ظاهري طرح آمدني جو ڪو ذريعو

۾، هو. وٽن ننڍ وڏائي، ذات پات، نسل ۽ مذهب جو ڪوبه ويڇو نه هو.

حضرت جن جو دور ١١٢٥هه کان ١١٨٨ هجري مطابق ١٧١٣ع-١٧٧٤ع جو آهي. هن دور ۾ سندن وجود مسعود جي طفيل سنڌ ملڪ خوشحال، آباد، وسيع ۽ آزاد ٿي ويئي. سنڌي ادب جو سونهري دور بڻجي ويو.

سنڌ جا جيد عالم، عظيم مفڪر ۽ پيران طريقت سندن ملاقات لاءِ ايندا رهندا هئا. انهن ۾ شاه عبداللطيف ڀٽائي رحه، پير محمد راشد رحه ۽ ميان سرفراز ڪلهوڙو جا نالا مشهور آهن.

سندن حلقهءِ ارادت ۾ سنڌ جا علماءِ ڪرام ۽ مشائخ عظام شامل هئا. انهن جا اسماءِ گرامي هي آهن: شهيد عبدالرحيم گرهوڙي رحه، مفتي اعظم حضرت قاضي احمد دمائي رحه، مخدوم ضياءالدين ٺٽوي رحه، مخدوم عبدالله رحه نربي وارو، حافظ پونرو رحه، حافظ هدايت الله رحه، خواجه ابراهيم رحه ساند، خواجه عيسيٰ رحه دشتي، سيد غلام مهتدي شاه لکوي، مخدوم غلام محمد بگائي رحه، مولانا شرف الدين شهدادپوري رحه، حاجي محمد صالح ڏاهري ڪڙائي، خواجه ابوطالب اڳهمي، حاجي محمد ڪلهوڙو، خواجه سڌانوربو رحه، شيخ طاهر ۽ ٻيا.

سرڪار لواري شريف جي توصل سان برصغير جي علاوه عربستان تائين فرض پکڙيو. سندن سکيا جو ماحصل هن ريت آهي:

حضرت جن کي انسان ذات جي مادي توڙي روحاني ارتقا جو اونو هوندو هو. سندن سکيا جو مرڪزي دائرو اهو ئي آهي ته مرشد جو ڪم آهي، طالب کي الله جي وات ڏسڻ ۽ ماني ٽڪي موجود ڪري ڏيڻ. سندن فرمان آهي ته "اسان انهن پيرن مان نه آهيون، جو مريدن جي درن تان ٽڪا چڱائيندا وتون. اسان تي حق آهي ته، الله جي ذڪر ڏسڻ سان گڏ انهن جي ذريعي معاش جو بندوبست ڪرڻ."

هڪ ڀيري سندن حضور ۾ هڪ وڏي مرتبي وارو درويش حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين ته ”قبلا! ارشاد ڏيڻ جي اجازت عنايت ٿئي.“ ان تي پاڻ کِلي فرمايائون ته ”ڪهڙي منزل تي پهتو آهين؟“ درويش چيو ته ”سڪل وڻ ڏانهن نهاريان ٿو ته ساوو ٿي ٿو وڃي.“ انهيءَ تي حضرت جن ورائيو ته ”خدا جي خلق ڪارٺي ٿوري ئي آهي، جو توکي ارشاد ڏيڻ جي اجازت ڏيون. تون وڃي سڪل وڻ ساوا ڪر.“

حضرت جن وقت جي تقاضا پٽاندر شاعري به ڪندا هئا. پر اها بي مقصد ۽ بوريت واري نه هوندي هئي. ڊاڪٽر گربخشاڻي سرگواسي سندن ٨٤ بيت ڇپايا آهن. علامه ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي مرحوم ٻيا چار بيت وڌيڪ ڇپيا آهن. مگر جديد تحقيقات جيڪا جاري آهي، تنهن ۾ روايتن موجب ڪافي بيت هٿ آيا آهن. جيڪي فردوس العارفين، مرغوب الاحباب، فتح الفضل، الوردالمحمدي ۽ ٻين قلمي نسخن ۾ درج ٿيل آهن. مگر جيئن ته انهن مان ڪي بيت شاه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي ڪن رسالن ۾ لکجي ويا آهن. تنهنڪري سيڪو اهو ٿو وسهي ته اهي شاهه جا بيت آهن.

حقيقت ڪري شاهه صاحب ۽ حضرت سلطان الاولياء قدس سره جي ٻولي ۽ لهجي ۾ فرق آهي. ٻنهي جي اظهار ۽ اسلوب ۾ فرق آهي. ٻنهي جي مشرب، مزاج ۽ استعداد ۽ عرفان ۾ فرق آهي. تنهنڪري ٻوليءَ جي ماهرن، علمي استعداد رکندڙن ۽ تصوف جي ڄاڻن کي اها ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ گهرجي. روايتن ۾ مليل بيت قارئين جي ملاحظي لاءِ پيش آهن. جنهن کي به انهن بيتن بابت وڌيڪ ڄاڻ هجي سو جيڪڏهن آگاهه ڪندو ته سندس راءِ کي شڪريه سان ٻئي ايڊيشن ۾ داخل ڪيو ويندو.

بيت

۱- ڏاڙي ويچ هٿا، ڀوري تو نہ ڀڄٿا،
تيلاءِ ڀيڀاھ، موريسر اکين ۾.

۲- ڇيلا ڇڏي ڇيرين، هاڻي هل هيٺان،
ڪانهي منڊ مٿينهن، هٿ وڙهيچائي وس جي.

۳- ڪُ ڀيري اوري رهي، ڪُ ڀڏر ڀڏاڻون،
اتاهين آڏون، رهيو اڇان راتڙيون.

۴- سيرڙان جي ترهي، ڀڏين هٿ مَ لاھ،
سيان ڀو چونداھ، اسان تو آکاريو.

۵- ڪُ ڀيري اوري رهي ڪُ ڀڏ ڀڏاڻون،
اتان ئي آڏون، رهيو اڇان راتڙي.

۶- اوڏڻ اوڏي آهہ، توکي لاکي کوڻو،
لهي تو متانئہ، سندو مٿيءَ مامرو.

۷- ڀير ڇنجي ان ڪي، جنهن سڀ ريءَ سري،
پَر گهر ڀير نہ وڃڻو، گهران ٻہ ڪين گهري،
جو مانيءَ ڪاڻ مري، سو سامي گر نہ ساڻهون.

۸- ڪين آهين، ڪين ٿيءَ، وڃي ڪين ڪماءِ،
لاڳاپا لوڪ جا 'لا' سين، سڀ لهراءِ،
سامي ڀو ساڻداھ، ڳالهہ ڀريان جي ڳجهہ جي.

۹- سوئي ماري، سومرون، سوئي ڀڳو جاءِ،
اوهي ماري ان کي اوهي ويٺو ڪاءِ.

۱۰- جي ٿا ويساهين ويس، سين جي سائي ڪنيپ چانهه،
عبادت تن جي اي ٿئي، جي ٻارو ڪائي مانهه.

۱۱- ترس تسوهءَ جيترو، نرت جنهن ناهه،
ورد وظيفا تسبي، تنهن کي ڪندا ڪاهه.

۱۲- تن توجهه تنو نه، تو سر نايو سجدا ڪرين،
من جي مري ماري جو، سڳو سورين سو نه،
ڪڏهن ٿيندو ڪونه، ڦوڪيي ٿوٿي فائدو.

——

حضرت خواجه گل محمد محبوب الصمد قدس سره

حضرت جن جي ولادت تاريخ ١١- ماھ ربيع الاول سال ١١٧٧ هجري مطابق ١٧٦٣ع جمعي جي رات لواري شريف ۾ ٿي. سندن والد بزرگوار خواجه محمد زمان سلطان الاولياء قدس سره سندن قدر ۽ منزلت کي ڄاڻي، ڪين لاڏ ڪوڏ سان پاليو ۽ تمام گهڻو پيار ڪندا هئا. پاڻ اڃا ننڍڙن ورهين جا مس هئا، ته هڪ دفعي مسجد جي اڱڻ ۾ ٻيهل وڻ تي چڙهي ويا. حضرت سلطان الاولياء قدس سره جي مٿن نظر پئجي ويئي. سو صاحبزادي کي فرمايائون ته ”پٽ! ڇا ٿو ڪرين؟“ صاحبزادي ورائيو ته ”خدا کي ٿو ڳوليان.“ تنهن تي سندن والد سڳوري پڇيس ته ”خدا ڪهڙي شيء آهي؟“ ان تي صاحبزادي ٺهه پهه چيو ته ”خدا نور آهي.“ تنهن تي حضرت جن فرمايو ته ”اهو سچ آهي. پاڻ ڏٺي تعاليٰ به فرمايو آهي. الله آسمانن ۽ زمين جو نور آهي.“

صاحبزادو قرآن شريف ۽ فارسي پنهنجي والد ماجد وٽ پڙهيو. صرف، نحو، علم عروض وغيره مولانا شرف الدين شهدادپوريءَ وٽ پڙهيا. ٻارهن سالن جي ڄمار ۾ پنهنجي والد سونهاري جي وصال کان پوءِ سجاده نشين ٿيا. سندن سجاده نشينيءَ تي ڪن خليفن سندن رشتيدار مامي سليمان جي اشاري تي مخالفت ڪئي ۽ انهن مخالفن سليمان جي بيعت شروع ڪري ڏني. انهيءَ تي شهيد علامه عبدالرحيم گرهوڙي (شهادت ١١٩٢ھ) ۽ شيخ ابوطالب اگهمي (مدفن سعيدپور نزد ٽکڙ) گڏجي هن مسئلي لاءِ جماعت کي سمجهايو ته ”هيءُ باطني معاملو آهي. اگر ڪنهن کي اعتراض آهي ته، ڪي حضرت وٽن جا طالب توجه، وٺڻ لاءِ سندن حضور ۾ موڪليو، ڏسو ته انهن تي اها ڪيفيت طاري ٿئي ٿي يا نه؟

جهڙي ڪين حضرت سلطان الاولياءُ قدس سره جن جي توجهه سان ٿيندي هئي." انهيءَ تي ڪي حضرت وڏن جا مصاحب صاحبزادي جي پرکا لاءِ موڪليائون. اهي جڏهن واپس آيا، انهن چيو ته "اسان تي هوبهو اها محويت ۽ ڪيفيت طاري ٿي، جهڙي حضرت وڏن جي توجهه سان ٿيندي هئي." پوءِ ته حضرت جن جي وصال کان ٽئين ڏينهن تي خواجه صاحب جن کي مسند تي باقاعدي ويهاريو ويو. اول شهيد شيخ عبدالرحيم گرهوڙي بيعت ڪئي ۽ پوءِ ٻين مشائخن ۽ عام جماعت ڪئي. مگر هڪڙي عالم علم ظاهر جي جماعت کان نڪرڻ جو اعلان ڪيو ۽ جماعت کان خارج ٿيو.

حضرت جن سترهن سالن جا ٿيا ته، شورا ۽ نوهڙيا، ذاتين جو پاڻ ۾ خونريز جهڳڙو ٿي پيو. شورا ذات وارا راتو واهه ڀڄي اچي لواري شريف جي پرسان پهتا. پٺيان نوهڙيا به وڏي اتالي سان اچي مٿن ڪڙڪيا. سخت لڙائي لڳي. جنهن ۾ شورا ذات وارا گهڻا ماڻهو ڪسي ويا. جيڪي باقي بچيا، تن ڀڄي اچي لواري شريف ۾ پناهه ورتي. سندن دشمن پٺيان ڪاهيندا آيا ۽ هر ڪنهن جي گهرن ۾ گهڙڻ لڳا ۽ انهن جو سامان ڪڍڻ شروع ڪيو. هنن ڪي حضرت جن جي حويليءَ جو به حياءُ نه ٿيو. انهيءَ ويڙهاند ۾ حضرت جن جا ٻه خدمتگار درويش رانجهو ۽ بلندو شهيد ٿي پيا. جن جون مزارون روضه شريف جي ڀراندي ۾ آهن. پاڻ پنهنجو سمورو مال اسباب ڦورن جي حوالي ڪري ۽ پاڻ صرف هڪ لنگي ۾ ٻاهر نڪتا. ڦورن جي اڳواڻ حضرت جن کي جڏهن اهڙي حالت ۾ ڏٺو، تڏهن ڏاڍو شرمسار ٿيو ۽ سمورو مال واپس ڪرڻ تي زور ڏنو، مگر پاڻ ڪجهه به واپس نه ورتائون. ڇاڪاڻ ته شهر جي ٻين غريبن جو سامان هو واپس ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا. حضرت جن مال متاع وڃائڻ ڪري هيڪاري سرها نظر اچي رهيا هئا. ڄڻ ته ڪو وڏو گهڻگهر مٿانئن لهي ويو هو. حضرت جن جو روزانو معمول هوندو هو ته تهجد کان وٺي شام تائين مصاحبن سان مجلس ۾ ويٺا هوندا هئا. ماني کائڻ لاءِ

حويلي ۾ ويندا هئا. جي ڪي موسماڻيون زيارت لاءِ اينديون هيون ته ٿوري ساعت انهن سان ويهي موٽي ايندا هئا. ٻر انهن سان هڪ اکر به نه ڳالهائيندا هئا. پاڻ گهڻو وقت ماٺ ۾ رهندا هئا. سندن مجلس ۾ ڪنهن کي به اجازت ونڻ جي ضرورت نه پوندي هئي. پور پوندو هون، ته ڪي نصيحت آميز نڪتا بيان فرمائيندا هئا. سندن ملفوظات مان ڪي هي آهن:

(١) حياتي ٿوڙي دنيا ٻئي فاني آهن انهن سان ناتو لائڻ نه گهرجي.
(٢) مردانگي طريقت جو مول مقصد آهي.
(٣) حق کي وسارڻ ٻچڙي ۾ ٻچڙو ڪم آهي.
(٤) فقيرن جي گفتگو مڙئي صدق ۽ ثواب آهي.
(٥) ڪهڙو به علم، جهالت کان بهتر آهي.
(٦) ڪهڙو به ڏندو ڏاري بي‌هنري کان بهتر آهي.
(٧) تونگرن ۾ طمع نه رکجي ۽ انهن جي چاپلوسي به نه ڪجي. ڪانئن هميشه پاسو ڪرڻ گهرجي.
(٨) اخلاص کان بهتر ٻي ڪابه شيءِ نه آهي.

پاڻ ظاهري علم ۾ به وڏو مرتبو رکندا هئا. ان وقت جا فاضل جيد ۽ متقي عالم خراجہ قاضي احمد ۽ سيد محمد چوندا هئا ته ”ايڏي وڏي علم رکندي به اسين سندن اڳيان پاڻ کي سمڪڙائن جيان سمجهون ٿا. پاڻ جڏهن ڪا علمي مشڪلات درپيش اچي ٿي ته، ڪانئن حل ڪرائيندا آهيون.“

حضرت جن ڪتاب فتح الفضل جو فارسي زبان ۾ تفسير لکيو آهي، جنهن جو نالو الورد المحمدي رکيائون. مگر سڄورو ڪتاب اڃا پورو نه ٿيو ته، پاڻ ٢٧- ربيع الثاني ١٢١٨ھ مطابق ١٨٠٣ع مغرب جي نماز بعد وصال الاهي ماڻيائون، کين پنهنجي والد سڳوري جي پهلوءَ ۾ جاءِ ڏني ويئي. ڪتاب فتح الفضل جي باقي رهيل ڀاڱي جي شرح عارف ڪامل مير نور علي شاه لکوي لکي، جنهن کي تڪملة الورد المحمدي، جي نالي سان سڏيو ويندو آهي.

حضرت جن کي ڇهه پٽ هئا.

(۱) حضرت خواجه محمد زمان ثاني غوث عالم صاحب قلعه.

(۲) شيخ عبداللطيف صغير.

ٻيا ڇهه ارجمند فرزند ڪاڻن ڀوءِ سجاده نشين ٿيو. شيخ عبداللطيف صغير وڏي مٿيا وارو هو. مگر صغير سنيءَ ۾ وصال ڪيائون. سندن ٻيا فرزند ناصالح ٿي ساماڻا پنهنجي والد بزرگوار ڏوڙي وڏي پاڻ کي سخت تڪليفون ڏيندا هئا. انهن جا نالا هي آهن:

(۱) ابوالقاسم (۲) محمد اڪرم (۳) محمد آدم (۴) حاجي محمد.

حضرت جن وڏي فرزند ارجمند خواجه محمد زمان ثاني قدس سره جن کي وصال کان اڳ جاءِ نشين مقرر ڪيو ۽ ڪيس فرمايو ته "هاڻ جماعت تنهنجي حوالي آهي، تون ئي ان جو امام آهين."

پاڻ جماعت کي توجهه ڏيڻ ۽ ذڪر قلبي ڪرڻ لاءِ علحدي خانقاهه جوڙايائون، جتي ٻيو ڪوبه دنياوي گفتگو ڪرڻ منع هئي. انهيءَ ڪري ڪين خانقاهه وارو شاه به سڏيندا آهن. فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ سندن ڪجهه شاعري به ملي آهي. پڻ سندن منظوم خط فارسيءَ ۾ به آهن.

حضرت جن انهن ناصالح پٽن کي لوڙائي ڪڍي ڇڏيو، ۽ جماعت کي منع ڪري ڇڏي ته، "ڪوبه هنن سان تعلقات نه رکي." پوءِ اهي سڄي عمر لواري شريف ۾ نه آيا. ڪي ميرن جا درباري شاعر ٿيا. ڪن حڪمت جو ڌنڌو وڃي ڪيو. جماعت جو هڪ فرد به انهن مخالفن ڏانهن نه ويو.

شين جي خوبي ۽ خرابي شرعي آهي نه حقيقي. يا خدا! اسان کي شيون ائين ڏيکار جيئن حقيقت ۾ آهن.

(حضرت سلطان الاولياء قدس سره)

حضرت خواجه محمد زمان ثاني غوث عالم صاحب حصار قدس سره

حضرت جن جو تولد رمضان شريف جي مهيني سال ١١٩٩ھ ۾ لواري شريف ۾ ٿيو. ڪين ٿي جد امجد جو اسم شريف رکيو ويو، جيڪو سندن والد ماجد کي مڪاشفي ۾ حضرت سلطان الاولياء قدس سره جن ٻڌايو هو. جن فقيرن حضرت وڏن کي ڏٺو هو، سي چوندا هئا ته "صاحبزادو هوبهو پنهنجي ڏاڏي بزرگوار جهڙو آهي." سندن والد سڳورو فرمائيندو هو ته "اهڙا فرزند عالم ۾ اڻلڀ آهن." پڻ ڪين ساهه سان سانڍيندا هئا ۽ سندن وڏو مان رکندا هئا. صاحبزادو مادر زاد ولي هو. ننڍپڻائي کان ئي سندن وجود مسعود کان ڪرامتون صادر ٿي وينديون هيون. پنهنجي والد سوناري جي وصال بعد سجاده نشين ٿيا. ان وقت سندن عمر اڻويهه سال هئي.

سندن مسندنشيني کي هڪ سال مس گذريو ته سال ١٨٠٤ع ۾ احمد شاه ابداليءَ جو پوٽو شجاع سنڌ تي چڙهائي ڪري آيو. ان جو ڏيهه ۾ ڌمڪار پئجي ويو، قرلٽ جو زور مچي ويو. ماڻهون ۾ بائيتال ۽ ڦرڦوٽ پئجي وئي. هرڪنهن پنهنجا اباڻا ڇنا ڇڏي جهنگ بر وڃي وسايو. حضرت جن پڻ لواري شريف مان نڪري وڃي ٻهراڙيءَ ڇڪ ۾ پاسي تي وڃي رهيا. سندن مال اسباب سمورو سڻاڪ ۽ لٽيرا ڪڍي ويا. جڏهن ديس ۾ سانت ٿي، جو شجاع قرلٽ ڪري موٽي ويو، تڏهن حضرت جن واپس ماڳن تي آيا. هن حادثي بعد حضرت جن پنهنجي حويلي، روضي شريف ۽ فقيرن جي رهائشن کي بچاءَ واسطي ڪوٽ اڏائڻ جو خيال ڪيو ۽ اهو ڪم شروع ڪرايائون، اهو ڪوٽ اٺن برجن سان سنه ١٢٢٦ھ ۾ تيار ڪرايائون.

اها ڳالهه سندن مخالف پاڙن کي نه وڻي. سو انهن وقت جي حاڪم مير غلام علي کي وڃي برغلايو ۽ ان جا ڪن ڀريا

ته، اهو ڪوٽ انگريزن جي خرچ سان ٺهيو آهي. انگريزن جو لشڪر اتي ”رهندو. اهي ٻيا ازين قسم جا“ بهتان هڻڻ شروع ڪيائون. انهيءَ تي مير غلام علي حضرت جن کي چوائي موڪليو ته ”ڪوٽ کي ڊهرائي ڇڏيو. چاڪاڻ ته اهو انگريزن جي امداد سان ٺهيو آهي.“ تنهن تي حضرت جن مير کي چوائي موڪليو ته ”اسان جي خيرخواهي ۽ دعا جي اوهان کي خبر آهي. هروڀرو حاسدن جي چوڻ تي اعتبار نه ڪيو. اسان فقيرن، ڦورن ۽ لٽيرن کان پاڻ کي لوڙهو ڏنو آهي.“ مگر هنن الفاظن جو مير تي ڪوبه اثر نه ٿيو. ڇڱو انداز پنهنجي سپاهين جو ڪوٽ جي ڊهرائڻ لاءِ موڪليائين. جڏهن ڪوٽ کي سپاهي شهيد ڪري رهيا هئا ته حضرت جن جي طرفان انهن سڀني کي لنگرخاني تان ويلي سر ويلي ماني ملندي رهندي هئي. انهيءَ روش جو لشڪر جي مهندار تي سٺو اثر پيو. تنهن ڪجهه ڪوٽ رهائي ڇڏيو ۽ واپس وريو. چون ٿا ته انهي ٽائي هڪ مست شخص مير جي دربار ۾ آيو ۽ اچي مير کي چيائين ته ”اي نامراد، تو هڪ مرد خدا سان دشمني ڪئي آهي. توکي ڪوبه خدا جو خوف نه ٿيو.“ تنهن تي مير چيو ته ”ڪوٽ جي تقدير ائين هئي.“ انهيءَ تي ان مجذوب جواب ڏنس ته، ”جي تنهنجي مٿان يا تنهنجي اولاد جي مٿان اهڙو سخت وقت اچي ته پوءِ به ائين چوندين؟“ مير کي اهي الفاظ تير تي چڀيا، حڪومت جي نشي ۾ هو. چيائين ته ”انهيءَ کي پڪڙيو.“ مگر اهو مجذوب گم ٿي ويو. وري مير کي ڪاوڙ لڳي، سو نادري حڪم ڪيائين ته ”وڏو لشڪر تيار ڪيو وڃي ۽ ان جي اڳواڻي مان پاڻ ڪندس.“ حڪم جي دير هئي، لشڪر تيار ٿي ويو، مير ان جي اڳواڻي ڪئي. منزلون ماريندا جڏهن ٻهرو لشاري اسٽيشن جي نزديڪ منزل ڪيائون، اتي مير کي شڪار جو خيال ٿيو. جيئن مير شڪار تي ويو ته هڪ هرڻ اچي ان جي ڀرسان لنگهيو، جنهن تي مير نشانو لڳايو، هرڻ ڪري پيو ۽ مير ترڪڙ ۾ اچي هرڻ جي مٿان بيٺو. هرڻ ڇال ڏئي

ميرن کي پير جي ڪرانڊيءَ هٿي ڦٽي وڌو. (ڏسو روزانه سنڌ نيوز، حيدرآباد، ٢٥ اپريل ١٩٧٧ع) مير جو پيٽ ڦاٽي پيو سندس آنڊا ٻاهر نڪري آيا. اهو آهي خدا پاڪ جي پيارن کي ايذائڻ جو نتيجو، لشڪر واپس مير کي کڻي حيدرآباد پهتو، جتي مير گذاري ويو.

هن واقعي کان پوءِ حضرت جن ١٢٢٨هه (١٨١٢ع) ۾ حج تي اسهيا، ساڻن چاليهه درويش گڏ هئا. ڪڇ جو رڻ لتاڙي، مانڊوي بندر کان غوراب تي چڙهي يمن جي مخه بندر تي رسيا. شيخ محمد عابد مدني ثم يمني ثم سنڌي سندن استقبال لاءِ آيو. جنهن سان شهر جا علماءِ ڪرام ۽ امراءِ پڻ شامل هئا. شيخ محمد عابد سندن دست بيعت مريد هو. شيخ عابد هميشه چوندو هو ته ”منهنجي اکين حضرت جن جهڙو خدارسيده بزرگ ڪڏهن ڪونه ڏٺو.“

حضرت جن ١٢٣٠هه ۾ حرمين شريفين کان موٽي لواري شريف ۾ پهتا.

حضرت جن ٻئي حج تي ١٢٣٨هه ۾ اسريا ۽ خيرخوبيءَ سان حج ڪري آيا.

ان بعد سندن مخالف ڀائرن ساڻن جهيڙو شروع ڪيو. مخالف ڀائرن مير ڪرم علي کي به پاڻ سان ڪري ورتو. ان ڪري پاڻ تنگ ٿي مير محمود خان شهداداڻي جي جاگير ”هباڏي“ تي وڃي رهيا.

جڏهن مخالفن ۾ طاقت نه رهي ۽ ڏاهر ٿي ته پاڻ ڇهن مهينن بعد لواري شريف ۾ موٽي آيا.

حضرت جن وڏا عالم ۽ فاضل ۽ محدث هئا. حديث جي سند پنهنجي طالب شيخ محمد عابد سنڌي کان ورتي هئائون. سندن هڪ هڪ سخن آيات الاهي يا ڪنهن مشائخ جي فرمودي جي مناسبت سان هوندو هو. شريعت جي خلاف ڪوبه ڪم نه ڪيائون. ڪنهن ۾ به طمع نه رکندا هئا. ڪين جيڪو به پئسو ملندو هو ان کي بيت المال ڪري ڄاڻندا هئا. جنهن سان غريبن جي پرگهور لهندا هئا.

حضرت جن صفر مهيني جي ١٧ تاريخ سال ١٢٤٧ھ (١٨٣١ع) ۾ حق سان وصال فرمايو. مرغوب احباب جي مصنف مير نظرعلي ”خاڪي“ ٽالپر حضرت جن جي وصال تي هڪ نظم لکي، جا هن ريت آهي:

”آنکه بس عالی است نسبت او - قاصد آمد زبان زمنت او
جز بحق راگهي نه الفت داشت - ترک دارين بود است او
هم نشين خدا درين عالم - بود الحق زمان صحبت او
هشت بر چهل سال بی کم و بيش - چون در آمد شمار فرصت او
اندرين آشيانه است پناه - تنگ آمد همای همت او
ارجعی آمدش خطاب ايزد - کرد منزل بباغ جنت او
جسم از دل چو سال تاريخش - گفت هاتف ”برب خلوت او“

١٢٤٧ھ

حضرت جن جي مخالف پاڙن ڪيترا ڀيرا ڪوٽ پاڪ تي رات جو حملو ڪيو. ان ۾ ڪيترا فقير شهيد ٿي ويا. مگر ازغيبي اطلاع تي حضرت جن جا مريد اڳي رهندا هئا ۽ انهن کي ڪوٽ پاڪ مان هڪالي ڪيندا هئا. اهڙو ذڪر حضرت پير بادشاهه جي احوال ۾ سندن فرمايل خطاب ۾ موجود آهي. ٻيو صفائل الضمائر ۾ خواجه محمد سعيد قدس سره لکيو آهي ته ”ڪوٽ واري شاهه انهن حاسدن جي لاءِ جماعت کي قطع تعلقات جو امر ڪيو هو.

حضرت جن وصال کان اڳ سندن فرزند خواجه محمد حسن شاهه مدني قدس سره جن کي، جماعت حوالي ڪري ڇڏي هئي. حضرت جن کي حضرت سلطان الاولياء قدس سره جي ڀرسان پهلوءَ ۾ جاءِ ڏني وئي.

ڇڏيان هي جهان، هو ٻئي گهوري گهوريان،
پلڪ پريان سان، جي مون مري جيئڙيون.
(حضرت سلطان الاولياء قدس سره)

حضرت خواجه محمد حسن شاهه مدني

قدس سره

”ز اسمش چو بلبل شوم نغمه زن،
بباغِ زمان گل محمد حسن.“

حضرت جن جو جنم ٥- محرم سال ١٢٣٥ھ مطابق ١٨١٩ع ۾ لواري شريف ۾ ٿيو. ڪين گهرو ماحول ظاهري ۽ باطني علومن وارو مليو هو. تعليم به لواري شريف ۾ ابائي درسگاهه ۾ حاصل ڪيائون. ظاهري علم کان باطني علم ڏانهن سندن ميلان ۽ رجحان وڌيڪ هو. سندن والد بزرگوار پنهنجي حياتي مبارڪ ۾ ئي کين جاءِ نشين مقرر فرمايو هو. سندن عمر سجاده نشين ٿيڻ وقت صرف ٻارهن سال هئي. ان هوندي به انتظامي معاملن ۽ ذڪر فڪر جي سلسلي ۾ ڪوبه خلل اچڻ نه ڏنائون. جيتوڻيڪ سندن رشتيدار چاچا سخت مخالف هئا. حضرت جن جو پسنديده شغل حج ڪرڻ ۽ ڪتاب گڏ ڪرڻ هو. ظاهري توڙي باطني عبادات جا زبردست شائق هئا. نماز باجماعت ادا ڪندا هئا. تهجد تمام ٿوري ڪندا هئا. رمضان شريف جي مهيني ۾ اعتڪاف ۾ رهندا هئا. سڄو ڏينهن فرض ۽ سنتن جي بجا آوري بعد وعظ و نصيحت فرمائيندا هئا. پاڻ ڇهه حج ادا ڪيائون. جيتوڻيڪ ان زماني ۾ حج تي وڃڻ سولو نه هو. ان پلاري ڏيهه وڃڻ لاءِ خطرناڪ مرحلن مان لنگهڻو پوندو هو. اهي حج هن ترتيب سان ڪيائون.

١٢٥٧ھ، ١٢٦٦ھ، ١٢٧٦ھ، ١٢٨٦ھ، ١٢٩٢ھ ۽ ١٢٩٧ھ.

آخرين حج جي ادائگيءَ کان بعد مديني منوره ۾ آيا. جتي ٥- صفر ١٢٩٨ھ عدم جو سفر اختيار ڪيائون. جنت البقيع ۾

خواجه محمد پارسا جي مزار جي پير ۾ ڪين جاءِ ملي.

حضرت جن جي دور ۾ پڻ مخالف چاچن ڪين طرح طرح جون تڪليفون ڏنيون. مگر پاڻ انهن جي صعوبتن ڏيڻ جو ڪنهن سان به ذڪر نه ڪندا هئا. نه صرف انهن سان پاڻ قطع تعلقات ڪري ڇڏيائون، مگر جماعت لواري شريف کي به اهڙو حڪم ڪري ڇڏيائون.

حضرت جن جي دور ۾ لواري شريف ۾ علم ”ڪل“ جو جهنڊو نصب ٿيو. مسجد شريف ٽن ڀيرن واري ٺهرايائون، روضي شريف جي مرمت ڪرايائون، مسجد جي اڳيان ٽه منزله منارو شريف پڻ جوڙايائون ۽ ٻيا ڪيترا نوان ڪم ڪرايائون. انهن سڀني جي تعمير بابت حمل فقير لغاري تاريخون لکيون آهن، جيڪي ڪليات حمل ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سهيڙيون آهن.

سندن وصال کان ٽيهن ڏينهن تي مديني منور ۾ فاضلن، عالمن ۽ اهل الله بزرگن دستاربندي سندن فرزند خواجه محمد سعيد جن کي ڪرائي. حضرت شاه مدني قدس سره جن جي وصال تي ڪيترن بزرگن قطع تاريخ لکيا آهن. انهن مان مخدوم محمد ابراهيم خليل ٺٽوي صاحب تڪملة الشعراء جو هڪ قطع لکجي ٿو:

ارتحال آن فروغ خاندان،
دل بدل داده است هرجا آه آه،
جان محزونم بگفتا سال وي،
واي واويلا دريغا آه آه.

جيئن چنتون ۽ کي خزران، تيئن مون پاڙو سپرين
هن وڃائي جان، مون نشاني نه ليي.

حضرت سلطان الاولياء قدس سره

بسم الله الرحمن الرحيم

گُل

پارس

سڪ روحاني سامين، جسمي جاهلن،

ڀڳهن مچي من، پارس پسن ڪينڪي،

1 رجب 1425هه مطابق 18 آگسٽ 2004ع

68 هون عرس مبارڪ حضرت امام العارفين خواجه احمد زمان قدس سره

شايع ڪندڙ

نشاط گرلس ونگ جماعت لواري شريف، يونٽ ٽلهار

ملڻ جو هنڌ:

درگاهه عاليه لواري شريف، ضلعو بدين، سنڌ.

درگاهه حضرت قاضي احمد، تعلقه دولتپور، ضلعو نوابشاهه، سنڌ.

اسلام قلب، 67، چسٽ نٽ اسٽريٽ گارڊن ايسٽ ڪراچي، سنڌ.

پيش لفظ

1935ع ۾ لاڙڪاڻي جي هڪ رهوا سي رٽائرڊ ڊپٽي ڪليڪٽر ديوان جيسا سنگهه درگاهه عاليه لواري شريف جي ان وقت جي مسند نشين حضرت امام العارفين خواجه احمد زمان قدس سره جن جي حضور ۾ شريعت، طريقت ۽ تصوف جي رازن ڪان واقف ٿيڻ لاءِ 8 سوال لکي موڪليا جن جا پاڻ مڪمل جواب عنايت فرمايائون.

انهن سوالن جوابن کي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ لاءِ نشات گرلس ونگ، جماعت لواري شريف، يو نٽ تلهار طرفان سعيو ڪيو ويو آهي ته جيئن تصوف جي رازن بابت جيڪا اپٽار حضرت امام العارفين قدس سره جن فرمائي آهي تنهن مان اهل جماعت ۽ عام خلق فيضياب ٿين.

اميد ٿي ڪجي ته سيئي اهل علم ۽ اهل نظر هن عظيم انمول ۽ بي بها روحاني نڪتن مان گهڻو ڪجهه پرائيندا.

غلام درگاهه پاڪ لواري شريف

نسيم ٽالپر

بسم اللهِ الرحمٰنِ الرحيم

سوال 1: عبادت جي تشريح، عبادت ڇاکي چئجي ۽ ڪيئن ڪجي، ڇا ڪجي جو عبادت ۾ داخل ٿئي؟

جواب: عبادت جي معنيٰ پانهنجي جو حق، تنهن جو شڪريو ڪرڻ، ڇا لاءِ ته نعمت جو شڪرانو نه ڪرڻ سخت بي انصافي آهي يا پنهنجي محسن، جنهن جا ڪروڙها احسان بلڪ ڳاڻاٽي ۽ حساب کان ٻاهر مهربانيون، جيڪي هر هڪ بندي ٻانهي تي آهن، سي پنهنجي دل ۾ نه ڳڻي ۽ انهن نعمتن تي تنهنجو ٿورو نه مڃي ۽ بي حساب مهربانيون تنهن مان ڪجھ مهربانين ڏانهن ڌيان نه ڏي ته ڪيتري قدر بي انصافي ڇٽبي ان ٻانهي جي.

"وان تعدو انعمت الله لاتحصوهاO ان الله الرؤف بالعباد O

لاتقنطو من رحمت اللهO ان الله يغفرالذنوب جميعاًO"

جيڪڏهن شمار ڪريو نعمت الله تعاليٰ جي ڪي پوءِ نٿا شمار ڪري سگهو اوهين. تحقيق الله تعاليٰ البت نهايت مهربان آهي ٻانهن تي. نااُميد نه ٿيو رحمت رب جي کان. تحقيق الله تعاليٰ ٿو بخشي گناهه سڀ.

عبادت جي معنيٰ ۽ مقصد ادائي شڪريه آهي ۽ ادائي شڪريه جا بلڪل گهڻا نمونا آهن ۽ مختلف طرحون آهن. جيئن ته ذڪر قلبي ۽ ذڪر زباني ۽ حمد ثناءِ زباني، قلب کي اطمينان ۾ رکڻ، مالڪ جي نعمتن کي ياد ڪري انهيءَ جي مهربانين تي ڀروسو رکڻ ۽ پوري طرح ڀروسي کي قائم رکڻ، روح عبادت جو آهي. جيئن ته حضرت خليل عليه السلام کي باهه ۾ وڌائون ٿي، جڏهن ڀروسو پورو رهيس

تڏهين باهہ سندس هڪ وار کي بہ نقصان رسائي نہ سگهي ۽ حضرت يونس عليہ السلام کي جڏهن پروسو پورو هو تڏهين مڇي جي پيٽ مان سمنڊ جي تري مان سلامت نڪري آيو وغيره وغيره. فائدا ان قسم جا بيشمار آهن جيئن تہ ٻانهي کي نعمتن جي شڪريي بجا آڻڻ ۽ ادا ڪرڻ جو حڪم تاڪيدي آهي. جهڙوڪ جنهن ٻانهي کي دنياوي مال گهڻو هجي تہ زڪوات ڏيڻ ان تي فرض ٿي وڃي ٿي ۽ جنهن کي حڪومت ظاهري ٿي ملي تنهن کي عدل ۽ انصاف ڪرڻ فرض ٿيريون آهي ۽ جن کي علم ظاهري جي نعمت عطا ٿي ٿئي تنهن تي تعليم علم ظاهري جي ڏيڻ واجب ٿي ٿي وڃي ۽ جنهن کي فيض باطني جي نعمت عطا ٿي ٿئي تنهن مٿي فائدو پهچائڻ مخلوق کي واجب ٿيو وڃي وغيره وغيره.

"خيرالناس من ينفع الناس".

(ڀلو ماڻهن ۾ اهو شخص آهي جو ماڻهن کي نفعو پهچائي).

عبادت جا طريقا گهڻا آهن مگر هر هڪ طريقي ۾ خالصائي هئڻ ضروري آهي. تمام ضروري آهي. بهر نوع بهر قسم ٻانهو شڪريو ادا ڪري ٿو تہ مالڪ سندس، جو ڄاڻيندڙ ظاهر ۽ باطن جو آهي. بشرطيڪ ٻانهپي ادا ڪرڻ ۾ ٻانهي کي خلوص آهي تہ اها بندگي ۽ ٻانهپ بجا آڻڻ سندس سائين مولا قبول ۽ منظور فرمائي ٿو تاڪيد هجي تہ خلوص نهايت ضروري آهي.

جز محبت هرچہ بردم سود در محشر نداشت،

دين دانش عرض کردم کس بہ نيمي جو نخواست

"محبت کان سواءِ جيڪي قيامت ۾ نيو پوءِ دين توڙي سمجھ اتي اڌ جو جيتري قيمت تي بہ ڪنهن نہ قبولي."

سوال 2: هن دنيا ۾ انسان مرشد ڳولهيان ڪيترو پوي، ايترو پوي جو خدا پنهنجو وساري ڇڏي؟

جواب: مرشد بہ معنيٰ استاد يا سونهون، يا رهنما يا معلم جي آهي. ضرورت ان جي هن ڪري آهي جو هر هڪ انسان جي آخري منزل مقصود جي اها آهي تہ هن کي پورو پورو وصال سندس مطلوب سچي يعني موليٰ العظيم سان حاصل ٿئي پر جڏهن تہ هر هڪ انسان جي خون جي قطري قطري ۾ رڳ رڳ ۾ ۽ هن جي قلب اندر دشمن ازلي ۽ گمراهہ ڪندڙ راهہ موليٰ جي ڪان. نفس گڏيل آهي جوتہ هر وقت پنهنجي ساري طاقت ان ۾ صرف ڪري ٿو تہ ڪنهن بہ طرح هن انسان کي ترقي نہ ملي. جنهن جو ذڪر ۽ بيان ڪليل طرح هر هڪ ڪتاب ديني ۽ تصوف ۾ آيل آهي دوباره تشريح جي ڪا ضرورت ڪانهي. جنهن کي سببان ان جي ظاهري دشمني جي عدومبين جي نالي سان بار بار ذڪر ڪيل آهي پر جڏهن تہ اڪثر مخلوقات ان پڌري دشمن کي پڌرو دشمن ڪري نٿي سمجهي بلڪ ان جي دشمني ڪرڻ کي سببان بي سمجهي جي دوستي ۽ محبت ٿي سمجهي، حالانڪ ان دشمن پڌري ڪان، سواءِ نقصان رسائڻ جي ڪجهہ نہ ٿيڻو آهي ان مان نقصان ٿي نقصان آهي. فائدي جي اُميد رکڻ ان ۾ سراسر غلط آهي ڇاڪاڻ تہ هن جي سرشت ۽ بناوت ۾ نقصان رسائڻ ئي آهي واسطي انسانن جي تنهن مان فائدو پهچائڻ امڪان نہ آهي. اهڙي حالت ۾ اهڙي صورت ۾ رهبر يا معلم يا استاد ڪامل يعني مرشد ڪامل جو هئڻ ضروري آهي. جيڪڏهن هن جو مرشد ڪامل نہ آهي تہ اهڙي صورت ۾ هن جو مرشد دشمن هن جو نفس، معلم ۽ استاد ٿيو پوي ۽ هن انسان ڪان اهڙا ڪم ڪرائي ٿو جنهن ۾ هن جي دنيا بہ خراب ٿي وڃي ٿي ۽ آخرت بہ خراب ٿي وڃي ٿي مثلن چوري، زنا ۽ بيشڪري ۽ انڪار حق ۽ ظلم ۽ غفلت وغيره.

"من لاشيخ لہ فشيخہ الشيطان"

"جنهن جو مرشد ڪامل نہ آهي تنهن جومرشد
شيطان آهي."

پوءِ جڏهن شيطان مرشد ٿيو ۽ تلقين ڏيندو ته اُن جو طابع تنهن کي سواءِ بربادي دنيا ۽ آخرت جي ٻيو ڇا ملندو ۽ مرشد ڪامل جو هئڻ، جو ته صاحب علم باطن جي جو هجي نهايت ضروري آهي، نالي جي مرشد يا نالي جي بزرگ يا نالي جي مشائخ ۽ پير فقير مان ڪجهه حاصل نه ٿيندو آهي.

پیرکہ اورا نیست از باطن خبر
پیر نہ بود بلکہ بود آن پیر خر
(مولانا رومي رحه)

"جنهن پير کي باطن جي خبر ڪونهي سو پير ڪونهي بلڪ پوڙهو گڏهه آهي."

این بسا ابلیس آدم روئي هست
پس بهردست نباید داد دست

مولانا رومي ٿو چوي ته اهڙو پير شڪل انسان جي ۾ ابليس آهي پوءِ اهڙي کي پنهنجو هٿ نه ڏيڻ گهرجي يعني مرشد نه وڃجي.

ها جنهن مخلوق جو مرشد ڪامل آهي ۽ عالم آهي علم باطن جي جو صد مبارڪ بلڪ لک مبارڪ ان جي لاءِ آهي، ڇو ته ان جي امداد ظاهري ۽ روحاني سان هي انسان سندس دشمن ازلي کان پناهه ۾ رهي ۽ ان جي شرن کان بچي سندس منزل مقصود تي برابر پهچي سگهي ٿو.

مرشد ڇا تي قسم آهن پهرين درجي وارو تيسين توڙي ضرورت آهي جيسين توڙي بياني طرح هن کي علم اليقين جو درجونصيب ٿئي ۽ هن تي حق ناحق پڌرو ٿي وڃي، رحمان ۽ شيطان ظاهر ٿي وڃن، تنهن کانپوءِ پهرين درجي وارو مرشد ڪجهه ڪري نٿو سگهي، ٻي درجي وارو مرشد هن کي جيسين ته هو انسان منزل انتهائي کي رسي تيسين ان جي ظاهري ۽ روحاني دعا، روحاني همراهي ۽ روحاني ۽ هدايت ظاهري جي ضرورت آهي ۽ اهڙي مرشد جي همراهي

سان بشرطيڪ هي سالڪ آهي تہ برابر منزل مقصود جي کي پهچندو. ان قسم واري مرشد لاءِ حڪم آهي.

بمئي سجاد رنگين کن گرت پير مغان گويد،

کہ سالڪ بي خبر نہ بود زراه ورسم منزل ها

جي توکي پير طريقت ٿو چوي تہ مصلو شراب سان پري ڇڏ تہ

ائين ڪر ڇو تہ سالڪ حقيقي رسمن راهن کان بي خبر نہ آهي.

ٽيون قسم مرشد جو اهو آهي جو الله عزوجل جو ان مان ظهورو آهي. جنهن جي صفت مولانا رومي فرمائي ٿو جو اها صفت خاص ان جي پاڪ ذات سان مخصوص آهي.

گر تو ذات پير خود کردي قبول،

هم حق اندر ذاتش آمدهم رسول

ذات مان مراد مشاهده روحاني ۽ عين خالص قبول مان تسليم ڪرڻ ۽ سجده روحاني سندس نور پاڪ کي ڪرڻ ڇا لاءِ تہ ان نور پاڪ کي سيني عالمن جي مخلوقات سجدو ڪندڙ آهي.

گر تو ذات پير خود کردي قبول،

هم حق اندر ذاتش آمدهم رسول

جڏهين تو پير جي ذات کي قبول ڪيو تہ گويا خدا ۽ رسول ان جي ذات ۾ آيو.

گر نبودي ذات حق اندر وجود،

آب و گل را کي کنند ملک سجود.

جي حضرت آدم ۾ نور خدا جو نہ هجي ها تہ مٽي پاڻي کي ملائڪ ڪيئن سجدو ڪن ها.

آن شہ در بندگي پنهان شده،

بهر جاسوسي بدنيا آمده

اهو شاهہ يعني الله جو نور بنده جي لباس ۾ جاسوسي واسطي آيو آهي.

كم كسي ز ابدال حق آگاه شد،
جملہ عالم زين سبب گمراه شد.
(رومي رحہ)

ٿورا ماڻهو آهن جيڪي حق جا ابدال سڃاڻيندڙ آهن باقي سڄو جهان انهي سبب کان گمراه ٿيو.

انهيءَ مرشد جي ضرورت ۽ لازميت ابد آلاباد تائين آهي. ساهہ ساهہ سان ان جي مهرباني ۽ احسان کان سواءِ چارو ڪونهي ۽ انهيءَ جي ميڙ سان لوح المحفوظ ۾ ان جو نالو ناجيہ لکجي وڃي، جيئن حڪم آيو تہ

"سلام على نوح في العالمين."

اهڙي طرح فقط ميڙ سان هي

"الا ان اولياَ الله لاخوف عليهم ولاهم يحزنون"

جي جماعت ۾ داخل ٿي وڃو هر هڪ عالم ۾ خواه دنيا هجي خواه عالم برزخ، قبرن جو عالم هجي خواه حشر جو ڏينهن هجي، مگر برڪت ميڙ ان مرشد جي سان هي پاڻهو ناجيہ آهي. هميشہ جي لاءِ ڇٽل آهي ۽ هميشہ جي لاءِ سببان تسليم نور پاڪ جي رحمت ڏسندڙ آهي.

(اطلاع) جيڪڏهن بندگي ۽ عبادت ڪندو تہ سندس لاءِ بهتري آهي نہ تہ بہ ناجيہ ٿي چڪو آهي. ابد آلاباد اهڙي مرشد ڪان الله پاڪ جدا نہ آهي. هو ظاهر ۾ انسان آهي ۽ دنياوي اکين جي اڳيان ۽ دنياوي طرح ان کي انساني لقب ڏين ٿا مگر في الحقيقت نور پاڪ الاهي آهي. انهي وجود پاڪ لاءِ حديث قدسي آهي

الانسان، سري وانا سره.

سوال 3: شروع ۾ جن اعمالن جي سزا ۽ انعام لاءِ انسان رٿجي آيو آهي، تن سزائن کان مرشد ڪيتري قدر بچائي سگهندو يا جيڪي انعام مليا آهن تن جي زيادتي مرشد ڪري سگهندو يا نه؟

جواب: مالڪ ازل جي ڏينهن کان ٻن قسمن جا فرمان عالم تي نازل ڪيا آهن. رحمت ۽ لعنت. جنهن ميجيو سندس مظهر کي تنهنجي لاءِ رحمت ۽ فرمان بردار ٿيو دشمن ان جي يعني نفس جو ۽ ان دشمن کي دوست ڪري سمجهيائين تنهن جي لاءِ لعنت. مالڪ مهربان ازلي مهربان آهي. ڪنهن سان به ظلم نٿو ڪري. جنهن جهڙو رستو ورتو ان کي ان رستي جي منزل تي پهچڻو آهي.

"لعنت الله علي الڪاذبين0 لعنت الله علي الظالمين."

جيڪو به رستو وٺندو ان جونتيجو ڏسندو.

ان رحمت الله قريب من المحسنين.

مرشد ڪامل جي امداد روحاني ۽ ظاهري سان پنهي طرحين بشرطيڪ مريد پورو فرمان بردار آهي ته انعامن ۾ زيادتي اڻ ڇيهه واري حد سوڌو ٿيندي رهي ٿي.

سوال 4: هن دنيا مان لاڏاڻي ڪانپوءِ قيامت جي اچڻ تائين مرشد ڪهڙي مدد ڪري سگهندو ۽ قيامت جي اچڻ تي ڪهڙي مدد ڪري سگهندو جا سزا يا جو انعام انسان لاءِ شروع کان لکيل آهي انهي ۾ مرشد مٽ سٽ ڪرائي سگهندو يا نه؟

جواب: تقدير جو بدل ٿيڻ يا ٻي طرح جو لکجڻ جيسين انسان انساني حالت ۾ آهي تيسين ٿي نٿو سگهي مگر جڏهن هن جو مرشد، هن جو سائين درجه مظهر جي کي پهتو تڏهن سڀ ڪجهه تقديرون گهٽ وڌ لکائڻ سندس اختيار آهي. جيڪو ڪپي سو ڊهرائي جيڪي ڪپيس سو لکرائي، جڏهن شاهه عبداللطيف ڀٽ وارو

عليہ رحمت حضور سلطان اولياء جي ۾ آيو تڏهن سندس سوال تقدير مبرم هڻڻ جي جواب ۾ ارشاد ٿيو اٿس.

ويهہ وڃي وٽ تن، قلم جنين جي هٿ ۾، ميٽي انگ اڳيون واري بيو لکن، پنو سو پاڙهن، جنهن مان پسڻ ٿئي پرين جو.

ويهڻ مان مطلب هڪڙو جسماني، ٻيو روحاني يعني تصور شيخ قلب ۾. قلم جنهن جي هٿ ۾ آهي هي اشارو آهي ذات پاڪ سندس ڏانهن. ميٽي انگ اڳيون واري ٻيو لکن.

"يمحو الله مايشاء ويثبت مايشاء".

ڏٺي تعاليٰ کي جيڪي کپي ڍاهي ٿو ۽ جيڪي کپي تہ نہ ڍاهي.

سوال 5: قرآن شريف موجب معافي ڏئل ۾ فقط حضرت نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن آهن يا ٻيا بہ ڪي صاحب اهڙي معافي ۾ اچي ويندا، يا ڪيئن تہ اهي ڪهڙا آهن؟

جواب: قرآن پاڪ جو اهڙو حڪم نہ آهي بلڪ فرمان پاڪ هن طرح آهي

"لاتقنطو من رحمتہ الله ان الله يغفرالذنوب جميعا".

فرمان مصطفوي عليہ الصلواتہ والسلام آهي ۽ ٽي دفعا تڪرار ڪيو ويو آهي.

"من قال لااله الاالله فدخل الجنتہ".

قال مان مراد پهرين چوڻ زبان سان پر حقيقي مراد تسليم ڪرڻ دل سان وحدانيت کي جنهن انسان جو اهو ايمان آهي لاريب اهو بخشيل آهي ۽ جنهن سندس مظهر کي تسليم ڪيو لاريب اهو ناجيہ آهي.

سوال 6: هڪڙو ماڻهو نئدي هوندي سٺا اعمال نٿو ڪري ۽ خراب ڪمن ۾ مشغول آهي، جهڙوڪ زنا، شراب وغيره. ڪو وقت اچي ٿو جو هن کي مرشد ڪامل ملي ٿو تنهن ڪانپوءِ هن جا خيال مبدل ٿين ٿا. ايتري مهرباني ٿئي ٿي جو ڪنهن منزل

تي پهچي ٿو ۽ هن جو ڪلام ٻـ هلي ٿو ۽ ماڻهن ۾ مڃوتي ٻـ ٿئي ٿي، هو پاڻ منزل تي پهچڻ کري مريد ٻـ ڪري ٿو اهڙي صاحب جا اڳوڻا ڪيل ڪم جن کي چڱو نٿو ڇنجي سي هن ٿئين منزل تي پهچڻ ڪري ميٽجي ويندا يا انهن جي سزا ضرور ملندي، هتي يا ڪٿي ٻـ يا معافيءَ ۾ داخل ٿيندو. پڇتاءَ ٻـ ڪري ٿو اهڙا مثال معلوم آهن جن ۾ منزل وارن کي پڇاڙي ۾ يعني مرڻ کان ٿورو اڳي يا گهڻو اڳي ظاهري عذاب ڏسڻ موجب گهڻو ٿيو آهي ائين ڇئبو ڇا تہ ڪين اڳين ڪمن جي معافي نہ ملي، پڇتاءُ هوندي ٻـ اهڙو عذاب سانده يڪو وره ٻـ هليو آهي موت ٻـ انهي عارضي ۾ ٿيو آهي انهن حڪمن ۾ راز ڇا آهي؟

جواب: فرمان نبوي عليہ الصلوات والسلام آهي

"التائب من الذنب كمن لاذنب لہ".

يعني جو توبهہ ڪري ٿو گناهہ کان يعني پشيمان ٿئي ٿو ڪيل گناهہ تي، گويا ان جي لاءِ گناهہ لکيو ئي ناهي. اهڙي طرح ڊهيو وڃي اعمال نامي مان جوان جو نالو نشان نٿو رهي.

ٻي هنڌ فرمان پاڪ آهي تہ هڪ شخص گناهہ يا خطا ڪئي بروقت لکجي چڪو، چاهي خطا ظاهري هجي چاهي خطا ميڄڻ حڪم نفس جي هجي، ارادتي هجي فعل ۾ نہ آئي هجي بهرصورت لکجي ويئي، توبهہ ڪيائين، پشيمان ٿيو خلوص سان، انهي وقت ڊاهجي ويئي جنهن جو نالو نشان نہ رهيو اعمال نامي ۾ وري اهو فعل يا ارادي جي خطا ان کان سرزد ٿي بروقت لکجي ويئي، پشيمان ٿيو يا توبهہ ڪيائين انهي وقت ڊهي ويئي، هڪڙي ڏينهن جي اندر چاهي ستر مرتبا ائين هجي پر سڀ ڪنهن ڀيري لکجي ٻـ ٿي ۽ ميٽجي ٻـ ٿي. پر شرط لازمي خلوص آهي. ظاهري تڪليفن ڏانهن خيال ڪري ۽ يقين ڪرڻ هي پاڙو جهاڙ آهي سراسر غلط آهي. ظاهري تڪليفن جا اسباب منحصر فطرت تي آهن انهن جو ڪوبہ تعلق پاڙو جهاڙ سان اڪثرڪري نہ آهي. عام قانون اهو آهي ڇا لاءِ

تہ مالڪ مهربان وڏو بخشيندڙ ۽ وڏو عفو ڪندڙ ۽ وڏو درگذر ڪرڻ وارو آهي.
فرمان پاڪ آهي.

"ڪتب ربڪم عليٰ نفسہ الرحمت"

يعني ازل کان وٺي ابد تائين رب اوهان جي سندس پاڪ
وجود تي رحمت ئي رحمت لکي ڇڏي آهي.

پڌرو هجي تہ هر قسم جو عذاب لعنت آهي. جڏهن ٻانهو پنهنجي رب ڏانهن سامهون ٿيو تہ ان وقت رحمت ئي رحمت ملڻي آهيس. پوءِ لعنت ڪٿان ٿي اچي. دنيا جي تڪليفن ڏانهن ڌيان ڏيڻ بلڪل غلط آهي. تواريخ مان پڌرو آهي تڪليفات بزرگان اڳوڻن جون نوح عليہ السلام ابراهيم عليہ السلام موسيٰ عليہ السلام عيسيٰ عليہ السلام دانيال عليہ السلام ذڪريا عليہ السلام رسول پاڪ عليہ الصلواتہ والسلام امام حسن رضہ امام حسين رضہ منصور عليہ رحمت، شمس تبريز عليہ رحمت، بايزيد عليہ رحمت، ابن عربي عليہ رحمت، مجدد الف ثاني عليہ رحمت، سرمد عليہ رحمت، وغيره وغيره. دارومدار سڀ عاقبت تي آهي مشهور مقولہ آهي پلي پلي پاڻ آيو سوبہ نہ پلو رسول پاڪ صہ پاڪ آهي پر قرآن شريف ۾ آيل آهي.

"ووجدڪ ضالا فهديٰ"

۽ لڌائين توکي ڀليل پوءِ هدايت ڪيائين.
بي هنڌ قرآن پاڪ ۾ آهي.

"ماڪنت تدري من الڪتاب الايمان."

نہ هئين تون سمجهين ڪتان ڪتاب جي ۽ نہ ايمان جي.

حڪمت الاهي معلوم ڪرڻ ۽ سندس راز انهي کان واقف ٿيڻ اهو نهايت اعليٰ درجو آهي. انسان تہ ضعيف المخلوقات آهي ۽ سفلي آهي. هر وقت دنيا ۾ گرفتار آهي. مگر ملائڪ جي نهايت پاڪ مخلوقات آهن سي بہ حڪمت

انهي کان بلڪل ناواقف آهن. قران پاڪ جو حڪم آهي رسول پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي بنسبت

"ولوکنت اعلم الغيب لاستکثرت من الخير"

جيڪڏهن آءٌ ڄاڻان ها غيب کي تہ گهڻو ڪريان ها خير کي.

ٻي هنڌ آهي،

"لايعلم الغيب الاهو"

نٿو ڄاڻي غيب کي مگر ڏڻي تعاليٰ

۽

"قل انما بشر مثلکم يوحيٰ الي"

چيو تہ آءٌ اوهان وانگر ماڻهو آهيان وحي ٿو ٿئي مون ڏانهن.

آدم عليہ السلام جي خلقت جي باري ۾ ملائڪ پاڪن کي جمع ڪري ساڻن مشورو ڪئي ويئي،

اني جاعل في الارض خليفہ،

جواب ۾ چيائون

"قالو اتجعل فيها من يفسد فيها ويسفک الدمآء ونحن نسبح بحمدک و نقدس لک."

ارشاد ٿين

اني اعلم مالا تعلمون.

جڏهن آدم السلام کي تلقين اسمائن پاڪن جي ٿي بعد ان جي حڪم ٿيس تہ اهو احوال بيان ڪر سامهون انهن ملائڪن جي جيڪي تنهنجي خلقت جا مخالف هئا. جڏهين بيان ڪيائين جو عطا ٿيل هئس حضور مقدس مان تڏهن اهي ملائڪ سخت حيران ۽ عاجز ٿي ويا ۽ پڇتاياڻون سندن راءِ غلط ڏيڻ تي ۽ چوڻ لڳا.

"سبحانک لاعلم لنا الاما علمتنا انک انت العليم الحکيم"

پاڪائي توکي آهي ناهي علم اسان کي مگر جيڪي تو سيکاريو آهي تحقيق تون عليم ۽ حکيم آهين.

سوال 7: مرڻ کانپوءِ روح هڪبٺي کي سڃاڻندا يا نه. کهڙن حالتن ۾ هائو کهڙن حالتن ۾ نه؟

جواب: بعد ان جي ته روح انساني هن جسم خاڪي کي ڇڏي ٿئي ٿو عالم ارواحي ۾ داخل ٿئي ٿو تڏهن سڃاڻي جيڪي به اڳيان ارواح آهن. سندس مشرب وارا يا سندس غير مشرب وارا. سڀني کي سڃاڻي ٿو. باقي هن جو تعلق يا مدد وٺڻ يا ترقي ڪرڻ تنهن لاءِ وسيلي وٺڻ جو سلسلو خاص انهن ارواحن سان قائم رهي ٿو جنهن سان هن جو محبت جو سلسلو هن دنيا ۾ هو ۽ جن سان دنيا ۾ ان انسان فوت ٿي ويل جو ڪو تعلق نه هو انهن ارواحن ۽ ان جي روح جو بلڪل قطع تعلقات ۽ ڪلي جدائي رهي ٿي. ڏينهن فيصلي يعني قيامت تائين اهو قانون عالم ارواح جي ۾ قائم آهي ۽ جهڙي طرح هن عالم جسماني ۾ بندگي ۽ عبادت ۽ ترقي يا تنزل, عروج يا نزول آهي ۽ دعا جي اجابت ٿئي ٿي ۽ اُن جا اثرات سببان قبوليت دعا جي ٿيندڙ آهن. بعضي انهي مثال موجب ارواحن جي عالم ۾ ٿيندو رهي ٿو ۽ تاقيامت سوڌو ائين ٿيندو رهندو.

سوال 8: منزل رسيده صاحب مرڻ کانپوءِ يڪدم وڃي منزل مقصود تي يعني بهشت ۾ پهچندا يا آهستي آهستي منزل بمنزل؟

جواب: سيئي منزل وارا صاحب هڪڙي قانون جي ماتحت نه آهن ۽ منزل مقصود ۾ انتهائي منزل بهشت نه آهي انتهائي مقصد ۽ ڇيهه واري منزل وصال مطلوب حقيقي يعني مالڪ سان ملي وڃڻ آهي. يعني روحي اتصال هن ٻانهي جو سندس سائين سان ٿئي. فرمان پاڪ سلطان اولياء جو آهي.

عارف ۽ عشاق پسڻ گهرن پرين جو،
جنت جا مشتاق اجا اوراهان تيا.

اصل مقصد وصال مولي جو آهي جو عارفن جو انتهائي مطلوب آهي جنت مقام آرام جو آهي جو رحمت وارن کي ملڻو آهي. جيڪي صاحب سلوڪ جا آهن تن کي اگرچ وفات کان بعد داخل ٿيڻو آهي جنت ۾ مگر ترقي ۽ اعليٰ درجا تن تي پهچڻ بتدريج ٿيڻو آهي. اهوئي حال عابدن ۽ زاهدن جو ٿيڻو آهي. مگر بعضي اهڙا بہ ٻانهان مولي جا آهن جي سواءِ درجي بہ درجي اعليٰ مقام کي پهچي ٿا وڃن. سيني لاءِ هڪڙو قانون مقرر نہ آهي مگر هر هڪ لاءِ الڳ الڳ درجو آهي سو درجن جو گهٽ وڌ هئڻ ان شخص جي قلبي حالت تي منحصر ۽ موقوف آهي. والسلام.

تمت بالخير

هي ڪتاب مستطاب "پارس" جبران ٽالپر ڪلاسڪ پرنٽرس،
ڪراچي مان شايع ڪرايو.